
# قادري سلسلي جون
# 8 بنيادون

**10-September-2024**

هفتيوار سنتن ڀري اجتماع ۾ ٿيڻ وارو

سُنّتن ڀريو بيان

(for Islamic Brothers)



10 آڪٽوبر 2024ء (اسلامي تاريخ: 6 ربيعُ الآخر 1446ھ) تي پاڪستان
جي هفتيوار اجتماعن ۾ ٿيڻ وارو بيان

# قادري سلسلي جون 8 بنيادون

**هن بيان ۾ توهان ڇاڻي سگھندؤ...**

...قادري ٿيڻ جا فضائل

...ماڻهن ۾ افضل ڪير....؟

...چڱي ۽ بُري جي سڃاڻپ

... ڏيءَ الله پاڪ جي نعمت آهي.

پيشڪش

**اَلْمَدِيْنَةُ الْعِلْمِيَه** (اسلامڪ ريسرچ سينٽر)

(شعبہ بياناتِ دعوتِ اسلامي)

ترجمو: ٽرانسليشن ڊيپارٽمنٽ (**دعوتِ اسلامي**)

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله    وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِیَّ الله    وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَاف (ترجمو: مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

# درودِ پاڪ جي فضيلت

**اربعينِ عطّار، قسط: 2، صفحي: 4، حديث پاڪ نمبر: 4 ۾ آهي: فرمانِ مصطفٰي** صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم : اِنَّ لِلّٰهِ مَلَائِكَةً سَيَّاحِيْنَ فِي الْاَرْضِ يُبَلِّغُوْنَ عَنْ اُمَّتِي السَّلَامَ **يعني زمين تي ڪجھ ملائڪ گھمندا ڦرندا آهن جيڪي منهنجي اُمت جو سلام مون تائين پهچائيندا آهن.**[1]

آپ عطّار کیوں پریشان ہیں    بد سے بدتر بھی زیرِ داماں ہیں
اُن پہ رحمت وہ خاص کرتے ہیں    جو مسلماں سلام کہتے ہیں

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب!    صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

[1] ابن حبان، حديث : 910

# بيان ٻڌڻ جون نيّتون

حديثِ پاڪ ۾ آهي: اَلنِّيَّةُ الْحَسَنَةُ تُدْخِلُ صَاحِبَهَا الْجَنَّةَ سچي نيت ٻانهي کي جنت ۾ داخل ڪري ڇڏيندي آهي.[1]

اي عاشقانِ رسول! سنين سنين نيتن سان عمل جو ثواب وڌي ويندو آهي. اچو! بيان ٻڌڻ کان پهريان سنيون سنيون نيتون ڪري وٺون ٿا، مثال طور نيت ڪريو! ۞ رضاءِ الٰهي جي لاءِ مڪمل بيان ٻڌندس ۞ اَدَب سان ويهندس ۞ بيان دوران سُستي کان بچندس ۞ پنهنجي اِصلاح جي لاءِ بيان ٻُڌندس ۞ جيڪو ٻُڌندس، اهو ٻين تائين پهچائڻ جي ڪوشش ڪندس.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰهُ عَلٰی مُحَمَّد

# قبر جي سوالن کان نجات ملي وئي

منقول آهي ته بغداد شريف جي هڪ قبرستان ۾ هڪ مُردي جي رڙين جو آواز ٻڌڻ آيو، ان جي باري ۾ حضرت غوثِ پاڪ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه کي ٻڌايو ويو ته پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه پڇيائون: ڇا هن قبر واري جي مون سان نسبت آهي؟ ماڻهن عرض ڪيو: سائين! ان جي اسان کي خبر ناهي. پوءِ پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه پڇيائون: ڇا اهو ڪڏهن منهنجي اجتماع ۾ آيو؟ ماڻهن عرض ڪيو: سائين! ان جي به اسان کي خبر ناهي. ان کان بعد پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه پڇيائون: ڇا ان ڪڏهن منهنجي پنيان نماز پڙهي آهي؟ ماڻهن عرض ڪيو: اسان هن باري ۾ به نٿا ڄاڻيون.

ان کان بعد پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه مُراقبو فرمايو: سندن چهري مبارڪ مان جلال، دٻدٻو ۽ وقار ظاهر ٿيڻ لڳو، سندن مٿو مبارڪ کڻي ڪري فرمايو: مونکي چيو ويو آهي ته ان شخص اوهان جي زيارت ڪئي آهي، اوهان سان حسنِ ظن رکندو هو،

1 مسند فِردَوس، جلد:4، صفحہ:305، حديث:6895۔

اوهان سان محبت ڪندو هو، ان ڪري هن تي رحم فرمايو ويو آهي، ان کان بعد ان قبر مان ڪڏهن به آواز ٻڌڻ ۾ نه آيو.[1]

| | |
|---|---|
| مُرِيۡدِیۡ لَا تَخَفۡ فرماتے آؤ | بَلاؤں میں ہے یہ ناشاد یا غوث |
| اندھیری رات جنگل میں اکیلا | مدد کا وقت ہے فریاد یا غوث |
| حسنؔ منگتا ہے دے دے بھیک داتا | رہے یہ راج پاٹ آباد یا غوث[2] |

وضاحت: ياغوثِ اعظم دستگير! اوهان جي غلامن ڪي هر طرف بلائن گهيري رکيو آهي، قبر جي اونداهي رات آهي، مدد جو وقت آهي. مُرِيۡدِیۡ لَا تَخَفۡ (يعني اي منهنجا مريد ڪو خوف نه ڪر) جي خوشخبري ٻڌائيندي مدد جي لاءِ اچو! پنهنجي حَسن جي جهوليءَ ۾ خيرات وجهي ڏيو! الله پاڪ اوهان جي درگاهه کي هميشه سلامت رکي!

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِیۡب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## نسبت فائدو ڏيندي آهي

پيارا اسلامي ڀائرو! اسان ته الحمد لله! مڃيندڙ آهيون، غوثِ پاڪ رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه الله پاڪ جا وَلِي آهن. ◈ اسان هي به مڃون ٿا، ته الله پاڪ وٽ وليّن جو وڏو مقام آهي. ◈ اسان هي به مڃون ٿا، ته الله پاڪ پنهنجي وليّن جي صدقي گنهگار ٻانهن کي بخشي ڇڏيندو آهي. ◈ اسان هي به مڃون ٿا، البت! ڪنهن جي دل ۾ وسوسو به اچي سگهي ٿو ته ٻانهو گنهگار هو، صرف غوثِ پاڪ

[1]... بَهۡجَةُ الۡاَسۡرَار،ذڪر فضل اصحابه...الخ، صفحه:194.

[2]...ذوقِ نعت، صفحه:25.

رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي محبت جي ڪري ڪيئن بخشش ٿي وئي؟ تنهنڪري هڪ آيت ۽ حديثِ پاڪ ٻڌي وٺو! الله پاڪ قرآنِ ڪريم ۾ فرمائي ٿو:

يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوا اتَّقُوا اللّٰهَ وَ كُوْنُوْا مَعَ الصّٰدِقِيْنَ ﴿۱۱۹﴾

تَرْجموڪَنْزُالعِرْفان: اي ايمان وارؤ! الله کان ڊڄو ۽ سچن سان گڏ ٿي وڃو.
(پارہ:11،التوبہ:119)

هن آيتِ ڪريمہ ۾ ڏسو! ايمان وارو چئي ڪري خطاب ڪيو ويو، پوءِ تقوىٰ اختيار ڪرڻ جو حڪم ڏنو ويو، ان کان بعد فرمايو: سچن سان گڏ ٿي وڃو! سوال هي آهي تہ جڏهن ايمان بہ ملي ويو، تقوا بہ اختيار ڪيو ويو، تہ هاڻي سچن سان گڏ ٿيڻ جي ضرورت ئي ڪهڙي آهي؟ مشهور مفسّرِ قرآن، مفتي احمد يار خان نعيمي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه هن جي وضاحت ڪندي لکن ٿا: سچن سان گڏ ٿيڻ جي هڪ حڪمت هيءَ بہ آهي تہ (هي سچا تہ بخشيل بخشايل آهن، هي تہ ان شان وارا آهن، اهڙن عملن وارا آهن جو قيامت جي ڏينهن انهن کان حساب نہ ورتو ويندو، بغير حساب جي ئي جنت جو داخلو عطا ڪيو ويندو، ۽ جيڪي خوش نصيب انهن سچن سان گڏ هوندا، انهن کان بہ گهٽي تحقيق نہ ٿيندي، سخت حساب نہ ورتو ويندو بلڪ انهن سچن جي نسبت جي ڪري بخشش نصيب ٿي ويندي).(1)

## گڏ ويهڻ وارو بہ بدبخت ناهي رهندو.

صحابيءِ رسول حضرت عبد الله بن عباس رَضِيَ اللهُ عَنْهُما فرمائن ٿا: هڪ ڏينهن سرڪارِ عالي وقار، مڪي مدني تاجدار صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَ آلِهٖ وَ سَلَّمَ حضرت عبد الله بن رواحہ رَضِيَ اللهُ عَنْهُ وٽان گذريا، ان وقت حضرت عبد الله بن رواحہ رَضِيَ اللهُ عَنْهُ صحابہِ ڪرام

[1]...تفسيرِ نعيمی، پارہ:11، سورۂ توبہ:زيرِ آيت:119، جلد:11، صفحہ:115 ملخصاً۔

رَضِیَ اللّٰہ عَنْہُم جي وچ ۾ بيان ڪري رهيا هئا. نبيِ ذيشان، مڪي مدني سلطان صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ وَ آلِہٖ وَ سَلَّمَ هي منظر ڏسي ڪري خوشيءَ مان فرمايو: جڏهن اوهان جو ڪو گروهہ(ٽولو) ويهندو آهي تہ ان سان گڏ ايتري ئي تعداد ۾ فرشتا بہ ويهي رهندا آهن. جيڪڏهن اوهان جو گروهہ سُبْحٰنَ الله چوندو آهي تہ فرشتا(ملائڪ) بہ سُبْحٰنَ الله چوندا آهن، جيڪڏهن اوهان اَلْحَمْدُ لِلّٰہ چوندا آهيو تہ فرشتا بہ اَلْحَمْدُ لِلّٰہ چوندا آهن، ۽ جيڪڏهن اوهان اَللّٰہُ اَكْبَرُ چوندا آهيو تہ فرشتا بہ اَللّٰہُ اَكْبَرُ چوندا آهن، پوءِ اهي فرشتا پنهنجي رب جي بارگاهہ ۾ حاضر ٿيندا آهن، حالانڪ الله پاڪ انهن ڪان وڌيڪ ڄاڻڻ وارو آهي، فرشتا عرض ڪندا آهن: اي اسان جا رب! تنهنجا ٻانها تنهنجي پاڪي بيان ڪري رهيا هئا تہ اسان بہ تنهنجي پاڪي بيان ڪئي، انهن تنهنجي وڏائي بيان ڪئي تہ اسان بہ تنهنجي وڏائي بيان ڪئي، انهن تنهنجي حمد بيان ڪئي تہ اسان بہ تنهنجي حمد بيان ڪئي. ان تي الله پاڪ فرمائيندو آهي: اي فرشتو! گواهہ ٿي وڃو...!! تہ مون انهن کي بخشي ڇڏيو. ملائڪ عرض ڪندا آهن: انهن ۾ فلاڻو ماڻهو وڏو بدڪار آهي. الله پاڪ فرمائيندو آهي: اها اهڙي قوم آهي جو جن جي ويجهو ويهڻ وارو بہ بدبخت ناهي رهندو.[1]

سُبْحٰنَ الله! جيڪي الله پاڪ جو ذڪر ڪندا آهن، نيڪ ڪم ڪندا آهن، ذڪر ۽ درود جون محفلون ڪندا آهن، اهي اهڙا بلند مرتبي وارا آهن جو ۞ انهن جي ويجهو ويهڻ وارو، پلي ڪيترو بہ گنهگار ڇو نہ هجي ان کي بہ بخشش ۽ مغفرت نصيب ٿي ويندي آهي. ۞انهن جي صحبت ۾ حاضر ٿيڻ وارو بہ محروم ۽ بدبخت ناهي رهندو. جڏهن هي ذڪر ۽ درود جون محفلون سجائڻ وارن جو ايڏو وڏو مرتبو آهي تہ اهي بلند شان وارا اولياءَ ڪرام، جن کي

[1]... مجمع البحرين، كتاب الاذكار، باب مجالس ذكْر الله، جلد:4، صفحہ:192، حديث:4520۔

صرف ڏسڻ سان ئي رب ياد اچي ويندو آهي، انهن جي صحبت جو عالم ڇا هوندو؟ ۞ انهن جي خدمت ۾ حاضري ڏيڻ وارن، ۞ انهن سان محبت ڪرڻ وارن۞ انهن سان نسبت رکڻ وارن کي ڪهڙيون ڪهڙيون برڪتون نصيب ٿينديو هونديون.

اللہ والے ہیں جو اللہ سے ملا دیتے ہیں | اللہ!اللہ! کیسے جانے سے اللہ نہ ملے

## قادري ٿيڻ جا فضائل

پيارا اسلامي ڀائرو! حضور غوثِ پاڪ شيخ عبد القادر جيلاني رَحۡمَۃُ اللہِ عَلَیۡه پيرن جا پير، وليّن جا ولي آهن. سندن سان نسبت ملڻ وڏي سعادت جي ڳالهه آهي. شيخ علي بن هيتي رَحۡمَۃُ اللہِ عَلَیۡه فرمائن ٿا: ڪنهن به پير جا مريد ايترا سعادت مند نه آهن، جيترا غوثِ پاڪ رَحۡمَۃُ اللہِ عَلَیۡه جا مريد سعادت مند هوندا آهن. (1)

خدا کے فضل سے ہم پر ہے سایہ غوثِ اعظم کا
ہمیں دونوں جہانوں میں ہے سہارا غوثِ اعظم کا

غوثِ پاڪ رَحۡمَۃُ اللہِ عَلَیۡه فرمايو: قيامت تائين منهنجي دوستن، مريدن ۽ محبوبن مان جيڪو به ٿاٻو کائيندو، مان ان جو هٿ پڪڙي وٺندس(2).

هڪ موقعي تي فرمايو: الله پاڪ جي عزت جو قسم! منهنجو هٿ منهنجي مريد تي اهڙي طرح آهي، جيئن آسمان زمين تي آهي. جيڪڏهن فرض ڪيو منهنجو مريد بلند رتبي وارو نه به هجي ته ڇا ٿيو، مان ته بلند مرتبي وارو آهيان. (3)

[1]…بَهۡجَةُ الۡاَسۡرَار،ذکر فضل اصحابہ...الخ، صفحہ:192مفهوماً۔
[2]… بَهۡجَةُ الۡاَسۡرَار،ذکر فضل اصحابہ...الخ، صفحہ:196۔
[3]… بَهۡجَةُ الۡاَسۡرَار،ذکر فضل اصحابہ...الخ، صفحہ:193۔

پيارا اسلامي ڀائرو! الحمد لله! قادري ٿيڻ جا ڪيترائي فائدا آهن.
۞ اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! جيڪو حضور غوث پاڪ سان تعلق رکندو نجات ماڻيندو
۞ الله پاڪ غوث پاڪ کان انهن جي مريدن کي جنت ۾ داخل ڪرڻ جو وعدو ڪيو آهي۞ قادري رحمت جي سمنڊ ۾ رهندو آهي. [1] جيڪڏهن توهان کنهن جامع شرائط پير جي هٿ تي بيعت ناهيو ۽ هنن برڪتن کي حاصل ڪرڻ چاهيو ٿا ته منهنجي صلاح آهي ته سلسلهٔ عاليہ قادريہ ۾ بيعت ٿي ڪري غوثِ پاڪ رحمۃ اللہ علیہ جي مريدن ۾ شامل ٿي وڃو! اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! ! دنيا ۽ آخرت ۾ ان جون گهڻيون برڪتون نصيب ٿينديون.

مُرِيْدِیْ لَاتَخَفْ کہہ کر تسلی دی غلاموں کو
قیامت تک رہے بے خوف بندہ غوثِ اعظم کا [2]

اميرِ اهلِ سنت مولانا محمد الياس عطّار قادري دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه به قادري سلسلي ۾ ئي بيعت ڪندا آهن. هونئن سندن سهروردي، نقشبندي ۽ چشتي سلسلي ۾ به بيعت ۽ خلافت جي به اجازت حاصل آهي پر غوثِ پاڪ رحمۃ اللہ علیہ سان محبت جو اهو انداز آهي جو پاڻ دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه کنهن ٻئي سلسلي ۾ نه بلڪ صرف قادري سلسلي ۾ ئي بيعت ڪندا آهن. الحمد لله! اميرِ اهلِ سنت مولانا محمد الياس عطّار قادري دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جامع شرائط پير آهن. جيڪڏهن اوهان اڃا تائين کنهن جا مريد نه آهيو ته اميرِ اهلِ سنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جا مريد ٿي وڃو! اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيم! قادري سلسلي جو فيض جاري ٿي ويندو.

---

1... بَهْجَةُ الْاَسْرَار، ذکر فضل اصحابه...الخ، صفحه:192-193 ملتقطاً.

2... قبالهٔ بخشش، صفحه:93.

| | |
|---|---|
| اَسیروں کے مشکل کشا غوثِ اعظم | فقیروں کے حاجت رَوا غوثِ اعظم |
| مریدوں کو خطرہ نہیں بحر غم سے | کہ بیڑے کے ہیں ناخدا غوثِ اعظم |
| وہاں سر جھکاتے ہیں سب اُونچے اُونچے | جہاں ہے ترا نقش پا غوثِ اعظم |

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

# قادري سلسلي جون 8 بنيادون

روايت آهي تہ حضور غوثِ پاڪ رحمۃُ اللہِ علیہ پنهنجي شهزادي شيخ عبدُ الرزاق رحمۃُ اللہِ علیہ کي نصيحت ڪندي فرمايو: پٽ! اسان جو هي طريقو (يعني سلسلو عاليہ قادريہ) هنن (8 ڳالهين) تي رکيل آهي:

ڪتاب ۽ سنّت (2) دل جي سلامتي (3) سخاوت (4) خير خواهي (5) ٻين کي تڪليف کان بچائڻ (6 رستي تان تڪليف ڏيندڙ شيء هٽائڻ (7) پنهنجن مسلمان ڀائرن جون خطائون معاف ڪرڻ (8) فقر ۽ بي نيازي اختيار ڪرڻ.[1]

پيارا اسلامي ڀائرو! هي سلسلي عاليہ قادريہ جون 8 بنيادون آهن، يعني جيڪو بہ قادري آهي، جيڪو بہ عاشقِ رسول صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم آهي ۽ حضور غوث پاڪ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه سان پنهنجي نسبت مضبوط ڪرڻ چاهي ٿو، ۽ سندن فيض حاصل ڪرڻ چاهي ٿو، ان کي گهرجي تہ هي 8 ڪم لازمي طور تي ڪندو ڪري.

## (1) قرآن ۽ سنّت جي پيروي

ان کي گهرجي تہ پنهنجي زندگي جي بنياد قرآن ۽ سنت تي رکي. حديث پاڪ ۾ آهي: اِنَّ خَيْرَ الْحَدِيْثِ كِتَابُ اللهِ، وَخَيْرَ الْهَدْيِ هَدْيُ مُحَمَّدٍ بيشڪ سيني کان بهترين

---

[1] ...قطبِ بغداد، صفحہ:69۔

ڪلام الله پاڪ جو ڪتاب، قرآن ڪريم آهي ۽ سيني کان بهترين هدايت حضرت محمد صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم جي هدايت آهي. [1]

ان ڪري هر مسلمان کي گهرجي ته پنهنجي معاملن جي بنياد قرآن ۽ سنت تي رکي. اڄڪلهه هي وڏو مسئلو ٿي ويو آهي ته اسان وٽ ماڻهو پنهنجي ڪمن جي بنياد رسم ۽ رواج تي رکندا آهن، گهڻ ئي ماڻهو آهن جيڪي ڪو به ڪم ڪرڻ کان پهريان شرعي راهنمائي وٺندا آهن، نه ته صرف اهو ڏٺو ويندو آهي ته رسم ۽ رواج ڇا آهن؟ مان هي ڪم ڪندس ته ماڻهو ڇا چوندا، نه ڪندس ته ماڻهو ڇا چوندا. بلڪ سچ چوان ته هاڻي هي ڳالهه به پراڻي ٿي چڪي آهي. ماڻهن جي طعنن کان ڊڄڻ، ماڻهن کان حيا ڪرڻ، جيتوڻيڪ اها سٺي ڳالهه ناهي، حياء الله پاڪ کان ڪرڻ گهرجي، الله پاڪ جي رضا لاءِ ڪم ڪرڻ گهرجي، پر پوءِ به جيڪڏهن ماڻهن جي حيا ڪرڻ سان برائي کان بچي وڃجي ته به ڪنهن حد تائين نيڪ آهي پر هاڻي ته ڳالهه ان کان به اڳتي نڪري وئي آهي، هاڻي سوشل ميڊيا جو دور آهي، هاڻي ته ڪيترائي نوجوان اهو به ناهن سوچيندا ته ماڻهو ڇا چوندا. بس جيڪو دل ۾ ايندو آهي اهو ڪندا آهن. هاڻي ته اهو چون ٿا: ماڻهن جو ڇا آهي، جيڪو چوڻو اٿن سو پيا چون، اسان کي پنهنجي زندگي پنهنجي مرضي سان گذارڻي آهي. فيشن جي نالي تي قاتل پينٽ پائڻي آهي، بي پردگي ڪرڻي آهي، رڳو ڪمائي لاءِ، شهرت لاءِ، ڪوڙي عزت لاءِ گهر جي عورتن کي سوشل ميڊيا جي زينت بڻايو پيو وڃي، اسان جو مشرقي معاشرو هن ڳالهه جي اجازت ڪڏهن ڏئي ٿو پر ڇا ٿو چئي سگهجي، ماڻهو ڇا چوندا، هاڻي ان کان به اڳتي قدم کڻي چڪا آهن ته شريعت جيڪو چوي ٿي، چوندي رهي، ماڻهو جيڪو چون ٿا، چوندا رهن، اسان کي صرف پنهنجي مرضي

[1]…مسند امام احمد، جلد:6، صفحہ:264، حديث:15371۔

هلائڻي آهي ۽ پنهنجي خواهشن جي پويان لڳي ڪري گناهن جي دلدل ۾ ڦاسڻو آهي. لَاحَوْلَ وَلَا قُوَّةَ اِلَّا بِاللّٰه۔

## نافرماني ڪندڙ هلاڪ ٿي ويا

الله پاڪ اسان جي حال تي رحم فرمائي. پيارا اسلامي ڀائرو! ياد رکو! مسلمان هر حال ۾ الله ۽ رسول جي فرمان جو پابند آهي. حديث پاڪ ۾ آهي: رسول ذيشان، مڪي مدني سلطان صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: منهنجي ۽ منهنجي آندل دين جو مثال اهڙو آهي جيئن هڪ شخص آهي، جيڪو پنهنجي قوم کي چوندو آهي: اي انسانو! هڪ وڏو لشڪر توهان ڏانهن وڌي رهيو آهي، مون ان کي پنهنجي اکين سان ڏٺو آهي، اي منهنجي قوم! نجات جي ڪوشش ڪريو! هاڻي قوم جا ٻہ گروهہ ٿي ويا (1): هڪ گروهہ تہ ان شخص جي ڳالهہ مڃي ورتي ۽ لشڪر کان بچڻ جو انتظام ڪري ڇڏيو (2): ٻئي گروهہ ان جي ڳالهہ نہ مڃي، ان ڊيڄارڻ واري جو انڪار ڪيو. هاڻي ڇا ٿيو تہ؟ لشڪر اچي پهتو ۽ ان انڪار ڪرڻ وارن کي تباهہ ۽ برباد ڪري ڇڏيو. سو هي منهنجي اطاعت ڪندڙن ۽ نافرماني ڪندڙن جو مثال آهي (تہ جنهن منهنجي فرمانبرداري ڪئي، منهنجي آندل دين جو پيروڪار ٿيو، اهو هلاڪت کان بچي ويندو ۽ جنهن منهنجي نافرماني ڪئي، منهنجي آندل دين کي ڪوڙو سمجهيو، اهو تباهہ ۽ برباد ٿي ويندو).[1]

الله! الله! پيارا اسلامي ڀائرو! ڏسو تہ ڪيتري واضح مثال آهي. اڄڪلهہ ماڻهن کي فيشن سمجهہ ۾ اچي ويندو آهي پر شريعت سمجهہ ۾ ناهي ايندي، پنهنجون نفساني خواهشون تہ سمجهہ ۾ اچي وينديون آهن پر ديني ڳالهيون

---

[1]...بخاري، ڪتاب الاعتصام ...الخ، باب الاقتداء...الخ، صفحہ:1763، حديث:7283۔

سمجهہ ۾ ناهن ايندیون. ياد رکو! اڄ موقعو آهي، اسان کي دين ۽ شريعت کي پنهنجو پيشوا بڻائي ونڻ گهرجي، جيڪڏهن هي موقعو هٿان نکري ويو ۽ حضرت ملڪ الموت عَلَيْهِ السَّلَام اچي ويا، ساهہ نکري ويو تہ پوءِ موقعو نہ ملندو. جيڪڏهن اڄ خواهشن جي پويان هلندا رهياسين تہ الله نہ ڪري! قبر ۾ ڦاسي سگهون ٿا، پوءِ تہ فقط هلاڪت ئي هلاڪت هوندي. ان ڪري اڄ موقعو آهي، قرآن ۽ سنت کي پنهنجو پيشوا بڻائي ڇڏيو! پنهنجي هر ڪم جي بنياد معاشري تي نہ بلڪ دين ۽ شريعت تي رکو! ڪو بہ ڪم ڪرڻ کان پهريان شرعي راهنمائي ونڻ جي عادت بڻايو!

## مسلمان تي هر حال ۾ 3 ڪم لازم آهن

حضور غوث پاڪ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: هر مسلمان تي هر حال ۾ (يعني ڏينهن هجي، رات هجي، سردي هجي، گرمي هجي، خوشي هجي، غم هجي، مصروفيت هجي، فراغت هجي، مطلب جيستائين جسم ۾ جان آهي، جيستائين عقل سلامت آهي، ساهہ هلي رهيو آهي، ان وقت تائين هر مسلمان تي) 3 ڳالهيون لازم آهن (1) اَمْرٌ يَمْتَثِلُهٗ شريعت جو حڪم تہ ان تي عمل ڪري (2) نَهْيٌ يَجْتَنِبُهٗ شريعت جي منع ڪيل ڳالهين کان بچندو رهي (3) قَدْرٌ يَرْضٰى بِهٖ تقدير تي هميشہ راضي رهي.

حضور غوث پاڪ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه وڌيڪ فرمائن ٿا: ۞ مسلمان جي ادنيٰ حالت اها آهي تہ هو ڪنهن بہ وقت هنن 3 ڳالهين مان ڪنهن هڪ کان بہ خالي نہ هجي ۞ ان جي دل انهن 3 ڳالهين جو پڪو ارادو ڪندي رهي ۞ بانهو پنهنجي پاڻ

سان اهي 3 ڳالهيون بيان ڪندو رهي ۞ ۽ پنهنجي عضون کي هر وقت انهن ۾ مصروف رکي[1] الله پاڪ اسان کي عمل جي توفيق عطا فرمائي.

اٰمِین بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِیّٖن صلَّی اللہُ عَلَیْہِ واٰلہٖ وَسَلَّم

## (2) ٻي بنياد: قلبِ سليم

پيارا اسلامي ڀائرو! سلسلي عاليه قادريه جي ٻي بنياد قلبِ سليم آهي. الله پاڪ قرآن ڪريم ۾ ارشاد فرمائي ٿو:

يَوْمَ لَا يَنْفَعُ مَالٌ وَّ لَا بَنُوْنَ ﴿۸۸﴾ اِلَّا مَنْ اَتَى اللّٰهَ بِقَلْبٍ سَلِيْمٍ ﴿۸۹﴾

ترجموڪنزالعرفان: جنهن ڏينهن نه مال ڪم ايندو ۽ نه پٽ. پر اهو جيڪو الله جي حضور سلامت دل سان حاضر ٿيندو.

(پارہ:19،شعراء:88-89)

معلوم ٿيو ته قيامت جي ڏينهن نه مال ڪم ايندو، نه اولاد ڪم ايندي، قيامت جي ڏينهن **قلبِ سليم** ئي ڪم ايندو. **قلبِ سليم** ڇا هوندو آهي؟ ۞ اها دل جيڪا ڪفر ۽ شرڪ کان پاڪ هجي ۞ جنهن دل ۾ بدعقيدگي نه هجي ۞ اها دل جيڪا اندروني بيمارين کان پاڪ هجي ۞ جنهن ۾ حسد نه هجي ۞ بغض نه هجي ۞ ڪينو نه هجي ۞ دنيا جي محبت نه هجي، اهڙي پاڪيزه دل وارو قيامت جي ڏينهن ڪامياب ٿيندو.

---

[1]... فتوح الغيب، صفحه:17.

# ماڻهن ۾ افضل ڪير...؟

حضرت عبدالله بن عمر رَضِیَ اللہ عَنْہُ فرمائن ٿا: پياري آقا، نور واري مصطفيٰ صَلَّی اللہ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي پاڪ بارگاهه ۾ عرض ڪيو ويو: اَیُّ النَّاسِ اَفْضَلُ؟ يا رسول الله صَلَّی اللہ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم! ماڻهن ۾ افضل ڪير آهي؟ پاڻ صَلَّی اللہ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم فرمايو: كُلُّ مَخْمُوْمِ الْقَلْبِ، صَدُوقِ اللِّسَانِ هر اهو ماڻهو جيڪو مَخْمُوْمُ الْقَلْب آهي ۽ سچ ڳالهائڻ وارو آهي. صحابہ ڪرام رَضِیَ اللہ عَنْہُم عرض ڪيو: يا رسول الله صَلَّی اللہ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم! صَدُوْقُ اللِّسَان (يعني سچي زبان وارو) ڪنهن کي چئبو آهي، اهو ته اسان ڄاڻون ٿا، مَخْمُوْمُ الْقَلْب ڪير آهي؟ پاڻ صَلَّی اللہ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم فرمايائون: اهو پرهيزگار شخص جنهن تي ڪو بہ گناهہ نہ هجي، ان جي دل ۾ نہ سرڪشي هجي، نہ ڪينو هجي، نہ حسد هجي.[1]

معلوم ٿيو۞ جنهن جي زبان سچي هجي۞ ڪوڙ نہ ڳالهائي ۽ جنهن جي دل ۾ نہ سرڪشي هجي۞ نہ ڪينو هجي ۞ نہ بغض هجي ۞ نہ حسد ۽ جلن هجي. ۞ اهو ڀانهو وڏي فضيلت وارو آهي. امير اهلِ سنت مولانا محمد الياس عطار قادري دامت برڪاتهم العاليہ بارگاهِ رسالت ۾ استغاثو پيش ڪن ٿا.

| | |
|---|---|
| جھوٹ سے بغض و حسد سے ہم بچیں | کیجئے رحمت اے نانائے حُسین![2] |

---

[1]...ابنِ ماجہ، کتابُ الزّہد،باب الورع و التقویٰ، صفحہ:684، حدیث:4216۔

[2]...وسائلِ بخشش، صفحہ:258۔

# 3 دفعا جنت جي بشارت ملي

صحابيِ رسول حضرت انس بن مالک رَضِیَ اللہُ عَنْہُ فرمائن ٿا: اسان مالکِ جنت، قاسمِ نعمت صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ والِہٖ وَسَلَّم جي خدمت ۾ حاضر هئاسين. پاڻ ڪريم صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ والِہٖ وَسَلَّم فرمايو: يَطْلُعُ عَلَيْكُمُ الْآنَ مِنْ هٰذَا الْفَجِّ رَجُلٌ مِنْ اَهْلِ الْجَنَّةِ هاڻي توهان وٽ هن رستي کان هڪ جنتي شخص ايندو. جيئن ته هڪ انصاري صحابي رَضِیَ اللہُ عَنْہُ اُتان کان آيا. ان جي ڏاڙهي وضو جي پاڻي سان تَر(آلي) هئي، ڪابي هٿ ۾ جوتو ڪڻي اچي رهيا ها.

ٻئي ڏينهن وري آخري نبي، مکي مدني صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ والِہٖ وَسَلَّم فرمايو: هاڻي توهان وٽ هن رستي کان هڪ جنتي شخص ايندو. ٻئي ڏينهن به اُهو ئي صحابي آيو، ٽئين ڏينهن به ايئن ئي ٿيو. حضرت عبدالله بن عَمّرو رضي الله عنہ فرمائن ٿا: هاڻي ته مان ان انصاري صحابي رَضِیَ اللہُ عَنْہُ جي گهر پهتس ۽ عرض ڪيم ته مان توهان وٽ مهمان رهڻ چاهيان ٿو. جيئن ته مان 3 راتيون ان وٽ رهيس. ان دوران مون ڪيس رات جو قيام ڪندي (يعني نفلن جي ڪثرت ڪندي) نہ ڏٺو، ها! ايترو ضرور هو ته جڏهن هو پنهنجي بستري تي پاسا مٽائيندا ها ته الله جو ذڪر ڪندا ها. سندن هڪ سٺي عادت اها به هئي ته هو چڱي ڳالهہ چوندا هئا يا خاموش رهندا هئا. جڏهن 3 راتيون گذري ويون ته مون انهن کي اصل ڳالهہ ٻڌائي ته پياري آقا صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ والِہٖ وَسَلَّم 3 ڏينهن لڳاتار جنت جي بشارت عطا ڪئي ۽ ٽئي ڏينهن ان بشارت جا مستحق اوهان قرار ڏنا ويا. منهنجي دل چاهيو ٿي ته اوهان وٽ رهي اوهان جو عمل ڏسان، پر مون کي ته اوهان جو ڪو وڏيڪ عمل نظر نہ آيو. اُن صحابي رَضِیَ اللہُ عَنْہُ فرمايو: منهنجو عمل ته اهو ئي آهي جيڪو اوهان ڏٺو، البت هڪ عمل وڌيڪ آهي ۽ اهو هيءُ آهي ته مان پنهنجي دل ۾ ڪنهن به مسلمان لاءِ ڪينو ناهيان رکندو ۽ نہ ڪنهن مسلمان کي ملندڙ نعمت تي حسد

ڪندو آهيان. حضرت عبدالله بن عَمّرو رَضِیَ اللهُ عَنْہُ فرمايو: هاڻ هي ئي اهو وصف آهي، جنهن توهان کي هن مقام تي پهچايو آهي. [1]

سُبْحٰنَ الله! اي عاشقان رسول! ڏٺو اوهان! دل کي پاڪ رکڻ، دل ۾ ڪنهن جي لاءِ بغض ۽ ڪينو نہ رکڻ، ڪنهن کان حسد نہ ڪرڻ، ۽ ڪنهن جي باري ۾ دل ۾ ميرُ نہ رکڻ جنت ۾ وٺي ويندڙ عمل آهي ۽ ٻي طرف غور ڪيو تہ دل ۾ بغض رکڻ وارو، حسد جو نانگ دل ۾ پالڻ وارو ڪيڏو بدبخت آهي جو بخشش ۽ مغفرت کان محروم رهندو آهي. ان ڪري اسان کي گهرجي تہ پنهنجون دليون صاف ڪري ڇڏيون. جيڪڏهن ڪنهن جي متعلق دل ۾ ڪو مِير آهي تہ ان کي ڪڍي ٻاهر اڇلايو، جيڪڏهن ڪنهن سان ناراضگي آهي تہ ان کي ختم ڪريو. جيڪڏهن ڪنهن مائٽ سان رنجش آهي، يا دنياوي مسئلي سبب جهڳڙو آهي يا پاڻ ۾ دوريون آهن تہ انهن کي مٽائي ڇڏيو. رسولِ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: جيڪو باطل تي هجي ۽ جهڳڙو ڇڏي ڏئي، الله پاڪ ان لاءِ جنت جي ڪنڊ ۾ گهر ٺاهيندو ۽ جيڪو حق تي هجڻ باوجود بہ جهڳڙو ڇڏي ڏئي، الله پاڪ ان لاءِ جنت جي مٿين درجي ۾ گهر بڻائيندو. [2]

اُمّتِ محبوب کا یارَبّ بنا دے خیر خواہ | نفس کی خاطر کسی سے دِل میں میرے ہو نہ بَیر

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## (3) ٽين بنياد: سخاوت

پيارا اسلامي ڀائرو! سلسلي عاليہ قادريہ جي ٽين بنياد سخاوت آهي. هڪ ڀيرو حضور غوث اعظم رَحْمَۃُ اللهِ عَلَيْه پنهنجي مدرسي ۾ بيان فرمايو، ان دوران پاڻ

---

1 ...شُعَبُ الايمان، باب فی الحث علی ترک الغل و الحسد، جلد:5، صفحہ:264، حديث:6605 ـ

2 ...ترمذی، کتابُ البر و الصِّلۃ، باب ماجاء فی المراء، صفحہ:484، حديث:193ملتقطاًـ

رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمايائون: اي مالدارو! جيڪڏهن دنيا ۽ آخرت جي ڀلائي چاهيو ٿا ته پنهنجي مال جي ذريعي غريبن سان همدردي ڪيو! پوءِ غوث پاڪ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه هڪ حديث پاڪ بيان فرمائي: [1] الله پاڪ جي آخري نبي، رسول هاشمي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: ماڻهو الله پاڪ جا عيال (يعني ٻانها) آهن، الله پاڪ جو وڌيڪ پيارو اهو آهي جيڪو الله پاڪ جي عيال کي وڌيڪ فائدو پهچائيندڙ هجي. [2]

## هڪ پريشان حال غريب جي دلجوئي

ابوعبد الله محمد بن خضر حسيني رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه کان روايت آهي ته هڪ ڏينهن سرڪار غوث اعظم شيخ عبد القادر جيلاني رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي نظر هڪ پريشان حال فقير تي پئي. هڪ مسلمان کي ڏک ۽ غم جي حالت ۾ ڏسي، حضور غوث پاڪ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه بي چين ٿي ويا ۽ پڇيائون: مَاشَأْنُكَ (يعني توکي ڇا ٿيو آهي؟) فقير جواب ۾ عرض ڪيو: عالي جاهه! مون کي درياءِ دجله جي ٻئي پار وڃڻو آهي، پر مون وٽ پئسا ناهن، ملاح (يعني ٻيڙي هلائڻ وارو) بغير ڪرائي جي ٻيڙيءَ ۾ ويهارڻ لاءِ تيار ناهي. ملاح جي اهڙي رويي سان منهنجي دل ٽٽي وئي جو جيڪڏهن مون وٽ پئسا هجن ها ته مون کي ايئن مايوس نه ٿيڻو پئي ها.

راوي چون ٿا: فقير اڃا پنهنجي ڳالهه مڪمل به نه ڪئي هئي ته هڪ شخص غوث پاڪ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي بارگاهه ۾ حاضر ٿيو ۽ پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي خدمت ۾ هڪ ٿيلهي نذراني طور پيش ڪئي، ان ٿيلهيءَ ۾ 30 دينار (يعني سون جا سڪا) هئا. غوث پاڪ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه اهي 30 جا 30 دينار ان غريب کي ڏيندي فرمايو: اهي سڀ

---

[1] ...فتح الربانی، المجلس التاسع و العشرون، صفحہ:127۔

[2] ... موسُوعہ ابنِ ابی دُنیا، کتاب قضاء الحوائجِ، جلد:4، صفحہ:159، حدیث:24۔

دينار ملاح کي ڏئي ڇڏيو ۽ ڇئجوس ته هو اڳتي کنهن به غريب کي درياءُ پار ڪرائڻ کان انڪار نه ڪري.[1]

| | |
|---|---|
| اسیروں کے مشکل کشا غوثِ اعظم | فقیروں کے حاجت روا غوثِ اعظم |
| گھرا ہے بلاؤں میں بندہ تمہارا | مدد کے لئے آؤ یاغوثِ اعظم |

## سخاوت جا فضائل

پيارا اسلامي ڀائرو! ڏسو! حضور غوث پاڪ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ڪيترا سخي آهن، جڏهن هڪ غريب جي حالت ڏٺائون ته انهن کي اهو برداشت نه ٿيو، فوراً ان جي مدد ڪئي. اسان کي به گهرجي ته سخاوت اختيار ڪريون. الله پاڪ جيترو عطا فرمايو آهي، اُن ۾ جيتري آساني هجي، ڪجهه نه ڪجهه حصو صدقي ۽ خيرات جو به ضرور رکندا ڪيون، سخاوت ڪندا ڪيون. ۽ عرض ڪيان ته: سخي ٿيڻ لاءِ وڏيون تجوريون نه، وڏي دل هجڻ گهرجي. ڪيئي ماڻهو اهڙا آهن جن جون تجوريون وڏيون وڏيون آهن پر دليون ننڍيون ننڍيون آهن. لهٰذا مال جيتوٽيڪ گهٽ هجي، دل وڏي رکو! اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! سخاوت جي دولت نصيب ٿيندي. ان جا فضائل ڇا آهن؟ ٻڌو! ۞ سخاوت جنت جي وڻن مان هڪ وڻ آهي، جنهن جون ٽاريون زمين ڏانهن جُهڪيل آهن، جيڪو شخص انهن مان ڪنهن هڪ ٽاريءَ کي پڪڙيندو آهي، اها کيس جنت ڏانهن وٺي ويندي آهي.[2] ۞ سخي جي غلطيءَ کي درگذر ڪيو، ڇو ته جڏهن به هو غلطي ڪندو آهي ته الله پاڪ

---

[1]… بَهْجَةُ الْاَسْرَار، صفحہ:199۔

[2]… شعب الایمان ، باب فی الجودو السخاء ،جلد:7، صفحہ:435،حدیث :10875۔

سندس هٿ پڪڙي وٺندو آهي،[(1)] يعني الله پاڪ سندس مددگار ٿيندو آهي جو ان کي هلاڪت ۾ پوڻ کان بچائي وٺندو آهي[(2)]. ۞ جنت سخي ماڻهن جو گهر آهي. [(3)]۞ سخي الله پاڪ جي ويجهو آهي، جنت جي ويجهو آهي، ماڻهن جي ويجهو آهي باهہ کان پري آهي.[(4)]

## (4) چوٿين بنياد: خيرخواهي

پيارا اسلامي ڀائرو! سلسلي عاليہ قادريہ جي چوٿين بنياد خيرخواهي آهي، يعني الله پاڪ جي مخلوق لاءِ هميشہ خير ئي چاهڻ، ڪنهن جي باري ۾ بہ اسان جي دل ۾ بُرائي نہ اچي، اسان صرف سيني جي لاءِ ڀلائي جا ئي طلبگار آهيون. حديث پاڪ ۾ آهي: خَيْرُالنَّاسِ مَنْ يَّنْفَعُ النَّاسَ يعني ماڻهن ۾ سڀ کان بهتر اهو آهي، جيڪو ماڻهن کي نفعو پهچائي[5].

## نفعو ڏيڻ وارا بڻجي وڃو!

هڪ تمام خوبصورت حديث پاڪ مان اوهان کي ٻڌايان ٿو. صحابي ابن صحابي حضرت عبد الله بن عمر رَضِیَ اللہ عَنۡہُما هن حديث جا راوي آهن. سندن فرمائڻ ٿا: هڪ ڏينهن اسان پياري آقا، مڪي مدني مصطفیٰ صَلَّی اللہ عَلَیۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم جي خدمت ۾ حاضر هئاسين، پاڻ ڪريم صَلَّی اللہ عَلَیۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم صحابه ڪرام رَضِیَ اللہُ عَنۡہُم کان هڪ سوال پڇيو، فرمايائون: اِنَّ مِنَ الشَّجَرِ شَجَرَةً لاَ يَسْقُطُ وَرَقُهَا، وَ اِنَّهَا مَثَلُ الْمُسْلِمِ،

---

1 ...شعب الایمان ، باب فی الجودو السخاء ،جلد:7،صفحہ:433، حدیث :10867۔

2 ...اتحاف السادۃ المتقین،جلد:9، صفحہ:725ملخصاً ۔

3 ...فردوس الاخبار،جلد:1، صفحہ:333، حدیث:2430۔

4 ...ترمذی، کتاب البر والصلۃ، باب ما جاء فی السخاء، صفحہ:479، حدیث:1961۔

5 کنز العمال، کتاب المواعظ و الرقاق، جز :16 ،جلد:8 ،صفحہ:54 ،حدیث:44147

فَحَدِّثُوۡنِیۡ مَا ھِیَ یعني وڻن مان هڪ وڻ آهي، ان جا پن نٽا ڪِرن، ان جو مثال مسلمان جهڙو آهي، ٻڌايو ته اهو ڪهڙو وڻ آهي؟

هاڻي صحابہ ڪرام رَضِیَ اللهُ عَنۡهُم سوچڻ لڳا (ته اهو ڪهڙو اهڙو وڻ ٿي سگهي ٿو جنهن جا پن به ناهن ڪرندا ۽ ان جي مثال مسلمان جهڙي آهي، ڪو ڪجهه سوچڻ لڳو، ڪو ڪجهه)، حضرت عبد الله بن عمر رَضِیَ اللهُ عَنۡهُمَا فرمائن ٿا: منهنجي ذهن ۾ ان سوال جو جواب اچي ويو، (پر مان ننڍو ٻار هئس، مون کان وڏي عمر جا صحابہ ڪرام رَضِیَ اللهُ عَنۡهُم موجود هئا)، ان ڪري انهن جي حياءَ جي ڪري مون جواب نه ڏنو. آخرڪار پياري آقا، مڪي مدني مصطفیٰ صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پاڻ ئي فرمايو: ھِیَ النَّخۡلَۃُ يعني اهو کُجور جو وڻ آهي[1].

پيارا اسلامي ڀائرو! اسان هي هڪ حديث پاڪ ٻڌي، پياري آقا، مڪي مدني مصطفیٰ صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم هڪ وڻ جو ذڪر ڪيو، جنهن جو مثال مسلمان جهڙو آهي ۽ اهو وڻ ڪهڙو آهي؟ کجور جو وڻ. عالمن هتي هڪ سوال اٿاريو، اهو هيءُ ته آخر کجور جي وڻ ۾ اهڙي ڪهڙي خاص ڳالهه آهي؟ پياري آقا، مڪي مدني مصطفیٰ صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان کي مسلمان جيان وڻ ڇو فرمايو؟ هن سوال جو جواب ڏيندي عالمن فرمايو: کجور جو وڻ سمورو خير ۽ ڀلائي آهي، ان جو هر حصو نفعو ڏيندڙ ۽ فائدي وارو آهي:۞ کجيءَ جي پنن مان ٽُڪون ٺهنديون آهن، ان مان رسيون به ٺاهيون وينديون آهن، اڳين زماني ۾ کجيءَ جي پنن مان ماني رکڻ لاءِ ڇٻيون به ٺاهيون وينديون هيون ۞ اهڙي طرح کجيءَ جي ڇال(تند) به باهه ٻارڻ ۾ ڪم ايندي آهي، پهرين اڳين زماني ۾ ان کي ڪپهه جي

---

1 بخاری،کتاب العلم،باب قول المحدث:حدثنا او اخبرنا و انبانا،صفحہ:88 ،حدیث:61۔

جاءِ تي وهاڻا پرڻ لاءِ بہ استعمال ڪيو ويندو هو۞ ڪجيءَ جو ٿُڙ ستون (*Piller*) ناهڻ ۾ ڪم ايندو هو، اڳين زماني ۾ ان ڪي ڇتين ۾ ڳاڌر جي جاءِ تي بہ استعمال ڪيو ويندو هو ۞ اهڙي طرح ڪجيءَ جي ڳُوڪڙي جا بہ ڪافي فائدا آهن، ان ڪي جانورن جي خوراڪ ۾ استعمال ڪيو ويندو آهي، ان ڪي پيهي استعمال ڪيو، طبي طور بہ گهڻو فائديمند آهي۞ باقي رهي ڪجور، تہ اها تہ نهايت فائدو ڏيندڙ ميوو آهي، ميون ۾ سيني ڪان وڌيڪ طاقتور ۽ نفعو ڏيندڙ ميوو ڪجور ڪي مجيو ويندو آهي ۞ دم، دل، جگر، گردي، مثاني، پتي ۽ آندبن جي بيمارين ۾ ڪجور (ڪَتل) فائديمند آهي۞ اها بلغم ڪيندي آهي ۽ وات جي خشڪي دور ڪندي آهي. مطلب تہ ڪجيءَ جي وڻ جا فائدا ئي فائدا آهن. انهيءَ طرح مومن ٻانهي جو بہ اهو ئي مثال آهي، مومن ٻانهو بہ صرف ۽ صرف فائدي مند هوندو آهي ان جو نقصان ڪو بہ ناهي هوندو. هو بس ٻين ڪي فائدو ئي پهچائيندو آهي[1].

پيارا اسلامي ڀائرو! اسان الحمد لله! مسلمان آهيون، پر ٿورو غور ڪريو! ڇا اسان بہ پنهنجي مسلمان ڀائرن جي لاءِ فائدي مند آهيون؟ ڇا اسان پنهنجي مسلمان ڀائرن جي خيرخواهي ڪيون ٿا؟ افسوس! هاڻي تہ ٻين جو برو سوچو ويندو آهي. جي ها! بلڪل صحيح چئي رهيو آهيان :۞ جيڪو ڀلو چاهيندو هجي، ڇا اهو پرپٺ بُرايون ڪندو آهي؟ اسان وٽ تہ غيبت عام آهي ۞ جيڪو ڀلو چاهيندو هجي، ڇا اهو چغليون ڪندو آهي؟ اسان وٽ تہ چغليون عام آهن ۞ جيڪو ڀلو چاهيندو هجي، اهو حسد ناهي ڪندو ۞ جيڪو ڀلو چاهيندو هجي، اهو بغض ناهي رکندو ۞ جيڪو ڀلو چاهيندو هجي، اهو طعنا ناهي

---

[1] ... عمدة القاری، کتاب العلم، باب قول المحدث...الخ ، جلد:2، صفحہ:20، زیرِ حدیث:61 بتصرف ۔

ڏيندو ۞ جيڪو پلو چاهيندو هجي، اهو پنهنجا فائدا ناهي ڏسندو، ٻين جي فائدي جو خيال ڪندو آهي.

پر افسوس! اسان وٽ اهي سڀ شيون عام آهن ۞ غيبت عام آهي ۞ چغلي عام آهي ۞ ڪوڙ عام آهي ۞ بغض عام آهي ۞ ڪينو عام آهي ۞ حسد عام آهي ۽ رهي ڳالهه پنهنجو فائدو ڏسڻ جي ته ان جي ته ڳالهه ئي نه پڇو! هر پاسي نفسا نفسي آهي، بس پنهنجو فائدو ئي ڏٺو ويندو آهي، ٻين جي پرواهه ڪرڻ وارا ته بس ٿورا ئي ماڻهو بچيا آهن. ٻين جو فائدو سوچڻ وارا ڪيئن هوندا آهن، ٻڌو !

## 30 سالن تائين روئندا رهيا

خواجه ابو الحسن نوري رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه نيڪ بزرگ ٿي گذريا آهن، سندن بازار ۾ دڪان هو. هڪ ڀيري پاڻ گهر ۾ هئا، ڪنهن اچي ٻڌايو: بازار ۾ باهه لڳي وئي آهي. ڪين فڪر ٿيو ته منهنجو به دڪان نه سڙي وڃي، تنهنڪري پاڻ جلدي بازار پهتا. ڏٺائون ته سندن دڪان سلامت آهي، باقي ٻين ڪيترن ئي ماڻهن جا دڪان سڙي ويا آهن. هاڻي چوته سندن دڪان کي باهه نه لڳي هئي، تنهنڪري پاڻ رَحْمَةُاللهِعَلَيْه الله پاڪ جو شڪر ادا ڪندي چيو: الحمد لله!

اجان چيو ئي هو ته اوچتو خيال آيو: هي مون ڇا ڪري ڇڏيو، منهنجو نقصان ته نه ٿيو، هي الڳ ڳالهه آهي پر مسلمان ڀائرن جو ته نقصان ٿي ويو آهي. ڇا مان مسلمان ڀائرن جي نقصان تي الله پاڪ جو شڪر ادا ڪري رهيو آهيان؟ صرف اهو هڪ معاملو ٿيو، دڪانن کي باهه سندن نه لڳائي هئائون، نقصان پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه نه پهچايو هئائون ۽ سندن جيڪو شڪر ڪيو اهو به پنهنجي دڪان بچي وڃڻ تي ڪيو هو. پر انهيءَ الحمد لله! چوڻ ۾ چوته سندن توجهه مسلمان

ڀائرن جي نقصان کان هٽي وئي هئي، انهن جو غم دل ۾ نہ آيو هو، جيئن تہ ايئن غلط موقعي تي الحمدلله چوڻ سبب پاڻ رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه 30 سال تائين ڳوڙها وهائيندا ۽ توبہ ڪندا رهيا.

اللّٰهُ اڪبر! پيارا اسلامي ڀائرو! اهي هئا خيرخواهہ...!! اهي هئا مسلمان ڀائرن جي ڀلو چاهڻ وارا. اسان ڇا آهيون؟ اسان تہ بس پنهنجو فائدو ڏسندا آهيون. ۞ اسان جي گهر ۾ سڪون آهي، بس خير آهي، پاڙيسري جي پرواهہ اسان کي ڇو ٿيندي ۞ اسان جي گهر ۾ ڪاڄو تيار آهي، ڪافي آهي، پاڙي ۾ ڪو بکيو آهي تہ اسان کي ڪهڙي پرواهہ. ڪاش! اسان جي اها ذهنيت ختم ٿي وڃي، ڪاش! اسان ٻين جي ڀلائي سوچڻ وارا ٿي وڃون. الله پاڪ اسان کي عمل جي توفيق نصيب فرمائي.

اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## (5) پنجين بنياد: تڪليف نہ ڏيڻ

پيارا اسلامي ڀائرو! سلسلي عاليہ قادريہ جي پنجين بنياد آهي: كَفُّ الۡاَذٰى، يعني ٻين کي تڪليف کان بچائڻ. هي بہ تمام اهم بنياد آهي. ان جي بغير بہ انسان الله پاڪ جي قرب جون منزلون طئي نٿو ڪري سگهي. انڪري اسان کي گهرجي تہ اسان ٻين کي تڪليف کان بچائيندا رهون. جيڪو ماڻهو ٻين کي تڪليف کان بچائيندو آهي، الله پاڪ ان تي تمام گهڻو ڪرم فرمائيندو آهي.

## گهرواريءَ کي فوراً شفا ملي وئي

امام شعراني رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: هڪ دفعي منهنجي زال سخت بيمار هئي، ايتري تائين جو سندن حالت ڏسي ڪري، گهر وارن سمجهيو تہ هن جون آخري

گهڙيون آهن. مان بہ تمام گهڻو پريشان هيس. انهيءَ دوران مون کي غيب مان هڪ آواز آيو: فلاڻي سوراخ ۾ هڪ مَکَ آهي، جنهن کي هڪ وڏيءَ مک پڪڙي رکيو آهي، تون ان مک کي ڇڏاءِ تہ اسان تنهنجي زال کي شفا ڏئي ڇڏينداسين. امام شعراني رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: مان فوراً اٿيس، سوراخ وٽ ويس، ڏٺم تہ سوراخ تمام ننڍو هو. مون هڪ ڪَکُ سوراخ ۾ وڌو ۽ ڏٺو تہ واقعي اتي هڪ مک هئي، جنهن کي ٻي وڏي مک وات ۾ پڪڙي رکيو هو. جيئن ئي مون ان مک کي آزاد ڪيو، فوراً الله پاڪ منهنجي گهرواريءَ کي شفا عطا فرمائي ڇڏي.[1]

**سُبْحٰنَ الله**! جڏهن هڪ ننڍڙي مک کي تڪليف کان بچائڻ تي هي ڪرم نوازي آهي تہ غور ڪريو! جڏهن اسان الله پاڪ جي ٻانهن کي تڪليف کان بچائينداسين تہ ان جا ڪهڙا ڪهڙا فضائل نصيب ٿيندا.

## چڱي ٻُري جي سُڃاڻپ

هڪ ڀيرو رسولِ اڪرم، نورِ مجسم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم **صحابه ڪرام** رَضِيَ اللهُ عَنْهُم کي فرمايو تہ ڇا مان اوهان کي چڱن ۽ ٻُرن جي خبر نہ ڏيان؟ سڀئي خاموش رهيا، 3 دفعا ساڳيو ئي سوال ڪيائون: تہ هڪ شخص عرض ڪيو: جي ها يارسولَ الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَ اٰلِهٖ وَ سَلَّم اسان کي اسان جي چڱن ۽ ٻُرن جي خبر ڏيو! فرمايائون: اوهان مان ڀلو اهو شخص آهي جنهن مان خير جي اُميد ڪئي وڃي ۽ جنهن جي شر(نقصان) کان اَمن هجي، ۽ اوهان جو ٻُرو اهو شخص آهي جنهن مان خير جي اُميد نہ ڪئي وڃي ۽ ان جي شر(نقصان) کان اَمن نہ هجي.[2]

---

[1] ...لواقح الانوار القدسيہ ،العهد السابع و السبعون بعد المائة ، جلد:1،صفحہ:574۔

[2] ترمذی ، کتاب الفتن ، باب (ت : ۷۶) ، ۴/ ۱۱۶ ، حدیث : ۲۲۷۰۔

پيارا اسلامي ڀائرو! قاعدو ڪُليو محبوبِ ذيشان صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ٻڌائي ڇڏيو آهي، هاڻي اسان پاڻ غور ڪريون، ڇا اسان اهڙا آهيون جو ماڻهو اسان کان خير جي اُميد رکندا هجن ۽ برائي کان محفوظ هجن، جيڪڏهن ايئن آهي ته الله پاڪ جو شڪر ادا ڪرڻ گهرجي، جيڪڏهن ايئن ناهي ته ڊڄڻ گهرجي.

## اهو ايمان وارو نٿو ٿي سگهي جيڪو...!!

هڪ ڀيرو الله پاڪ جي آخري نبي، رسول هاشمي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ 3 ڀيرا الله پاڪ جو قسم ڪنيو، فرمايائون: وَاللّٰهِ لَايُؤْمِنُ الله پاڪ جو قسم! اهو مؤمن نٿو ٿي سگهي. وَاللّٰهِ لَايُؤْمِنُ الله پاڪ جو قسم! اهو مؤمن نٿو ٿي سگهي. وَاللّٰهِ لَايُؤْمِنُ الله پاڪ جو قسم! اهو مؤمن نٿو ٿي سگهي. صحابهءِ ڪرام رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُم عرض ڪيو: يا رسول الله صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڪير مؤمن نٿو ٿي سگهي؟ فرمايائون: اَلَّذِیْ لَا يَاْمَنُ جَارُهٗ بَوَائِقَهٗ اهو جنهن جو پاڙيسري سندس شر کان محفوظ نه هجي.[1]

| | |
|---|---|
| خير خواه ہم بھی پڑوسی کے بنیں | یہ کرم یا مصطفےٰ فرمایئے! |
| نعمتِ اخلاق کر دیجئے عطا | یہ کرم یا مصطفےٰ فرمایئے! |

## پاڙيسري کي ايذاء ڏيڻ واري عبادت گذار عورت

امام بُخاري رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه حديث شريف نقل فرمائي ته هڪ ڀيرو الله پاڪ جي پياري ۽ آخري نبي، مڪي مدني صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي خدمت ۾ عرض ڪيو ويو: يا رسول الله صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! فلاڻي عورت سڄي رات عبادت ڪندي آهي، ڏينهن ۾

---

[1] بخاری، کتاب:الادب، صفحہ:1500، حدیث:6016۔

روزو رکندي آهي، تمام نيڪ آهي، صدقو خيرات بہ ڪندي آهي پر هوءَ پنهنجي زبان سان پاڙيسرين کي تڪليف ڏيندي آهي. پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: لَاخَيْرَ فِيْهَا اُن ۾ ڪا ڀلائي ناهي هِيَ مِنْ اَهْلِ النَّارِ اها جهنمين مان آهي. صحابہءِ ڪرام رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُم هڪ ٻي عورت جو ذڪر ڪندي عرض ڪيو: يا رسول الله صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! فلاڻي عورت فرض نمازون پڙهندي آهي، پنير صدقو ڪندي آهي ۽ ڪنهن کي بہ تڪليف ناهي پهچائيندي. ارشاد فرمايائون: هِيَ مِنْ اَهْلِ الْجَنَّةِ اها جنّتي عورت آهي.[1]

اي عاشقانِ رسول! اَج هن حديث شريف تي باربار غور ڪرڻ جي حاجت آهي...! ٿورو سوچو تہ سهي! جيڪو پنهنجي پاڙيسري کي تڪليف پهچائيندو آهي، اهو ڪيتري قدر نقصان ۾ آهي پر افسوس! اسان وٽ هن ڳالهہ جو خيال ئي ناهي رکيو ويندو ۞ ماڻهو پنهنجي گهر جو ڪچرو ڪٽي پاڙي جي دروازي تي رکي ڇڏيندا آهن۞ گهر ۾ اڪثر شور مچائيندا آهن ۞ شور ڪندا آهن ۽ ان ڳالهہ جي پرواهہ ناهن ڪندا تہ اسان جي شور سان پاڙيسري کي تڪليف ٿي سگهي ٿي ۞ ڪنهن جي گهر ۾ شادي هجي تہ جڻ پاڙيسريءَ جي ننڊ حرام ٿي وئي، هڪ تہ ڳائڻ وڄائڻ جو گناهہ، وري وڏا وڏا اسپيڪر رکي زوردار آواز ۾ هلائيندا آهن، ڪنهن کي تڪليف ٿئي، ڪو ويچارو بيمار آهي، ان کي تڪليف ٿئي، ننڍڙن ٻارن جي ننڊ ڦٽي وڃي، انهن کي ڪا پرواهہ ناهي هوندي آهي. ۞ ڪي ماڻهو رات جي وقت گهر ۾ شور وارو ڪم شروع ڪري ڇڏيندا آهن، جيتوڻيڪ اهو گناهہ نہ هجي پر رات جي وقت پنهنجي گهر

[1] الادب المفرد، صفحہ:48، حديث:119۔

۾ بہ اهڙا ڪم ڪرڻ سان پاڙيسريءَ جي ننڊ ۾ خلل پئجي سگھي ٿو. تنهنڪري اهڙا ڪم ڏينهن جي وقت ۾ ڪيا وڃن جيئن پاڙيسرين کي تڪليف نہ ٿئي.

پڑوسی کو بھائی! نہ ہر گز ستانا | وگرنہ جہنّم بنے گا ٹھکانا

## مان هي ڳالهہ پسند ناهيان ڪندو

الله پاڪ جي هڪ نيڪ ٻانهي جي گھر ۾ هڪ ڀيرو ڪُوا اچي ويا، سندس دوستن صلاح ڏني تہ توهان پنهنجي گھر ۾ هڪ ٻلي پاليو! الله پاڪ جي ان نيڪ ٻانهي چيو: مون کي اهو خوف آهي تہ ٻليءَ جو آواز ٻڌي، ڪُوا پاڙيسرين جي گھرن ۾ نہ گھڙي وڃن، ايئن مان پنهنجي پاڙيسرين لاءِ اها ڳالهہ پسند ڪندڙ ٿي ويندس، جيڪا آئون پاڻ لاءِ پسند نٿو ڪريان[1].

الله اڪبر! الله پاڪ اسان جي بزرگن تي رحمت فرمائي، اهي تقوٰي ۽ پرهيزگاري جون ڪيتريون عظيم مثالون قائم ڪري ويا. افسوس! اڄڪلهہ اسان وٽ تہ پاڙيسرين لاءِ اهو ئي پسند ڪيو ويندو آهي، جيڪو پاڻ کي پسند نہ هجي. ۞ ڪير پنهنجي گھر ۾ ڪچرو رکڻ پسند ڪندو آهي؟ پر ڪچرو رکڻ جي جاءِ پري هوندي آهي، انڪري پاڙيسري جي دروازي تي ئي رکي ڇڏيندا آهن. ۞ خواتين گھر جو فرش ڌوئينديون آهن، ظاهر آهي گندو پاڻي پنهنجي صحن ۾ جمع ڪرڻ تہ پسند ناهي هوندو، تنهنڪري گھٽيءَ ۾ وهايو ويندو آهي، جنهن سان گھٽيءَ ۾ گپ بہ ٿي ويندي آهي، گذرڻ وارن کي تڪليف ٿيندي آهي. اهڙيون ڪيئي صورتون آهن جن ۾ ماڻهو پنهنجي لاءِ اهي شيون پسند ناهن ڪندا، پر پنهنجي پاڙيسرين کي انهن ۾ مبتلا ڪري رهيا هوندا

[1] احياء العلوم ، جلد:2، صفحہ:771۔

آهن. ڪاش! اسان پنهنجن مسلمان ڀائرن جو خيال رکڻ وارا بڻجي وڃون، ٻين کي تڪليف کان بچائڻ وارا بڻجي وڃون.

اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## (6) ڇهين بنياد: تڪليف ڏيندڙ شيءِ ڪڍڻ

پيارا اسلامي ڀائرو! سلسلي عاليه قادريه جي ڇهين بنياد آهي: رستي تان تڪليف ڏيندڙ شيءِ هٽائي ڇڏڻ. هيءُ به هڪ تمام پيارو ۽ نيڪين سان ڀرپور عمل آهي. حديث پاڪ ۾ آهي ته ايمان جا 70 کان ڪجهه وڌيڪ شعبا آهن، انهن مان سڀ کان اعلیٰ شعبو لَآاِلٰهَ اِلَّا الله چوڻ آهي ۽ سڀ کان هيٺيون شعبو رستي تان تڪليف ڏيندڙ شيءِ هٽائي ڇڏڻ آهي[1].

هيءُ تمام آسان عمل آهي، اسان کي گهرجي ته اسان هيءُ ڪم ڪندا ڪريون، رستي ۾ وڃي رهيا آهيون، ڏٺو ته ڪو پٿر پيل آهي، ڪو ڪنڊو آهي، يا ميوي جي کل آهي، خوف آهي ته ڪو ماڻهو اُن تي پير رکي ڪِري سگهي ٿو، ته ان کي اتان کان هٽائي ڇڏيو.

## جنت ۾ داخلا ملي وئي

حضرت ابوهريره رَضِيَ اللّٰهُ عَنۡهُ کان روايت آهي ته آخري نبي، رسول هاشمي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: هڪ ماڻهو ڪنهن رستي تان گذري رهيو هو، ان رستي تي هڪ ڪَنڊي واري ٽاري ڏٺي ته ان کي رستي تان هٽائي ڇڏيو. الله پاڪ کي ان شخص جو هيءُ عمل پسند آيو ۽ اُن ٻانهي جي مغفرت فرمائي ڇڏي. (2) هڪ

---

[1]...مسلم، كتاب الايمان، باب بيان عدد شعب الايمان...الخ،صفحه:39 حديث:58۔

[2]... مسلم ، كتاب البر والصلة ، باب فضل الزالة الاذیٰ عن الطريق، صفحه:1011، حديث:1914۔

روايت ۾ آهي تہ هڪ ماڻهو رستي جي وچ ۾ پيل وڻ جي ٽاري وٽان گذريو تہ هن چيو: خدا جو قسم! مان ان کي ضرور مسلمانن جي رستي تان هٽائي ڇڏيندس تہ جيئن انهن کي تڪليف نہ پهچائي. پوءِ ان کي جنت ۾ داخل ڪيو ويو. هڪ ٻي روايت ۾ آهي تہ مون هڪ شخص کي جنت ۾ سير ڪندي ڏٺو ڇاڪاڻ تہ هن رستي ۾ ڪريل وڻ کي وڍي ڇڏيو هو جيڪو ماڻهن کي تڪليف ڏئي رهيو هو.[1]

سُبْحٰنَ الله! ڪيڏو پيارو عمل آهي. الله پاڪ اسان کي نيڪ عمل اختيار ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي.

اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللّٰه عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## (7) ستون بنياد: مُعاف ڪرڻ

پيارا اسلامي ڀائرو! سلسلي عاليہ قادريہ جي ستين بنياد آهي: عفو و درگذر، يعني معاف ڪري ڇڏڻ. جيڪڏهن ڪو اسان کي ڄاڻي واڻي يا اڻ ڄاڻ ۾ تڪليف ڏئي ويهي يا اسان جي دل ڏکائي تہ اسان کي گهرجي تہ ان کي معاف ڪري ڇڏيندا ڪيون. هن جون بہ گُوڙ برڪتون نصيب ٿينديون. حديث پاڪ ۾ آهي: مَامِنْ رَجُلٍ يُّصَابُ بِشَيْءٍ فِيْ جَسَدِهٖ فَيَتَصَدَّقُ بِهٖ اِلَّا رَفَعَهُ اللّٰهُ بِهٖ دَرَجَةً وَحَطَّ عَنْهُ بِهٖ خَطِيْئَةً يعني جنهن شخص جي جسم تي ڪا تڪليف پهتي ۽ اهو ان کي (يعني تڪليف ڏيندڙ مسلمان کي) معاف ڪري ڇڏي تہ الله پاڪ ان جا درجا بلند ڪري ڇڏيندو آهي ۽ ان جا گناهہ مٽائي ڇڏيندو آهي.[2]

---

[1] صحيح مسلم ، كتاب البر والصلة ، الحديث ١٩١٤، ص١٤١٠۔

[2]... ترمذی، کتاب الديات، باب ماجاء فی العفو، صفحہ:358، حديث:1393۔

# (8) اٺون بنياد: فقر

پيارا اسلامي ڀائرو! سلسلي عاليہ قادريہ جي اٺين بنياد فقر آهي. هتي فقر مان ڇا مراد آهي، ان جي وضاحت پاڻ حضور غوث پاڪ رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه ڪري ڇڏي آهي. فرمائن ٿا: فقر چار شين جو نالو آهي: (1) مشائخ (يعني اولياء ڪرام، ڪامل پير ۽ عاشقانِ رسول علماء ڪرام) جي عزت ڪرڻ، انهن جي بي ادبي کان بچڻ، (2) پنهنجن پير ڀائرن سان نيڪ سلوڪ ڪرڻ، (3) ننڍن کي نصيحت ڪرڻ ۽ انهن سان خيرخواهي ڪندو رهڻ (4) دنياوي جهيڙا ڇڏي ڏيڻ[1].

پيارا اسلامي ڀائرو! اسان الحمد لله قادري آهيون. جيڪڏهن قادري سلسلي ۾ بيعت نہ آهيون تہ بہ الله پاڪ جي فضل سان عاشقانِ غوث پاڪ آهيون. هي قادري سلسلي جون 8 بنيادون آهن: (1) هر معاملو قرآن ۽ سنت جي مطابق (شرعي رهنمائي ۾) ڪرڻ، (2) دل کي بغض ۽ ڪيني وغيره کان پاڪ رکڻ، (3) سخاوت، (4) خيرخواهي، (5) ٻين کي تڪليف کان بچائڻ، (6) رستي تان تڪليف ڏيندڙ شيون هٽائڻ، (7) عفو ۽ درگذر يعني معاف ڪرڻ، (8) ۽ فقر يعني علماء ۽ مشائخ جو ادب ڪرڻ، پير ڀائرن سان نيڪ سلوڪ ڪرڻ، ننڍن تي شفقت ڪرڻ ۽ دنياوي جهيڙا ڇڏي ڏيڻ. اسان کي گهرجي تہ اسان هي اٺ ئي ڪم ڪندا ڪيون، اِنۡ شَآءَ اللهُ الۡكَرِيۡم! ان جي برڪت سان غوث پاڪ رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جو فيضان نصيب ٿيندو، انهن سان نسبت مضبوط ٿيندي ۽ الله پاڪ چاهيو تہ طريقت جي راهہ ۾ بلند مرتبو نصيب ٿيندو. الله پاڪ اسان کي عمل جي توفيق نصيب فرمائي.

اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

[1] ... قطبِ بغداد، صفحہ:69۔

# ڌيءَ الله پاڪ جي نعمت آهي

پيارا اسلامي ڀائرو! 11 آڪٽوبر تي سڄي دنيا ۾ ننڍن ڇوڪرين جي متعلق ڏيهاڙو ملهايو ويندو آهي، اڄو انهيءَ مناسبت سان الله پاڪ جي ان نعمت جو ڪجھ تذڪرو ڪريون ٿا.

الحمد لله! ڌيئرون الله پاڪ جي نعمت آهن ۽ نعمت جي ملڻ تي الله پاڪ جو شڪر ادا ڪرڻ گهرجي. جڏهن تہ ان نعمت تي ناراضگي جو اظهار ڪرڻ غير مسلمن جو طريقو آهي. صراط الجنان ۾ آهي: ڌيءَ جي پيدائش تي غم جو اظهار ڪرڻ غير مسلمن جو طريقو آهي[1].

جيڪڏهن ڪنهن جي گهر ڌيءَ جي پيدائش ٿئي تہ ان کي ناراض ٿيڻ نہ گهرجي، بلڪ خوشيءَ جو اظهار ڪرڻ گهرجي، ڇاڪاڻ تہ ۞جنهن گهر ۾ ڌيءَ جي پيدائش ٿيندي آهي، فرشتا ان گهر وارن کي سلامتيءَ جي دعا ڏيندا آهن.[2] ۞ جنهن گهر ۾ ڌيءَ جي پيدائش ٿيندي آهي، ان جي سار سنڀال ڪرڻ واري جي قيامت جي ڏينهن مدد ڪئي ويندي.[3]

پيارا اسلامي ڀائرو! ڌيئرن جي پرورش ڪرڻ سعادت مند ماڻهن جو حصو آهي ۽ ڌيئرون قيامت جي ڏينهن، اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! جهنم کان آڙ بڻجي وينديون. جيئن تہ پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: جنهن جي ڌيءَ هجي، اهو ان کي سٺو ادب سيکاري، سٺي تعليم ڏئي ۽ الله پاڪ جون ڏنل نعمتون ان تي خرچ ڪري تہ اها ڌيءَ ان لاءِ باھ کان آڙ ۽ رڪاوٽ بڻجي

[1] صراط الجنان، 334/5

[2] بیٹی کی پرورش، ص12

[3] بیٹی کی پرورش، ص13

ويندي.[1] الله پاڪ اسان کي ڏيئرن سان پيار ڪرڻ، انهن جا حق پورا ڪرڻ، انهن جي دلجوئي ڪرڻ ۽ انهن جي بهتر پرورش ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي.

اٰمِين بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِیّٖن صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

## 12 ديني ڪمن مان هڪ ديني ڪم: هفتيوار اجتماع

پيارا اسلامي ڀائرو! نيڪ نمازي بڻجڻ، گناهن کان بچڻ ۽ نيڪين جو جذبو ماڻڻ جي لاءِ عاشقانِ رسول جي ديني تحريڪ دعوت اسلامي جي ديني ماحول سان وابسته ٿي وڃو، 12 ديني ڪمن ۾ عملي طور حصو وٺڻ شروع ڪيو! اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْکَرِیْم! ان جي برڪت سان بيشمار ڀلايون نصيب ٿينديون. 12 ديني ڪمن مان هڪ ديني ڪم: هفتيوار اجتماع بہ آهي. ۞ هر جمعرات مغرب جي نماز کان بعد دعوت اسلامي جو هفتيوار اجتماع ٿيندو آهي، ان ۾ تلاوت، نعت سنتن ڀريو بيان، ذڪر ۽ رقّت انگيز دعا ڪرائي ويندي آهي. ۞ اوهان کي عرض رکجي ٿو تہ ۞اوهان بہ هفتيوار اجتماع ۾ پابندي سان شرڪت ڪيو! ۞ ديني اجتماع ۾ ويهڻ ۽ ذڪر ڪرڻ وارن جو پنهنجو تہ ڇا شان هوندو! حديث شريف جي مطابق جيڪو انهن وٽ ويهي رهي، اهو بہ بدبخت ناهي رهندو[2]. ۞ اَلحَمدُلله هفتيوار اجتماع ۾ ذڪر ٿيندو آهي. ۞ علمِ دين سکڻ جي لاءِ ملندو آهي ۞ نيڪ صحبت ۾ ويهڻ ۽ ۞ مسجد ۾ وقت گذارڻ نصيب ٿيندو آهي. ۞ هڪ اهم برڪت هيءَ آهي تہ ديني اجتماع ۾ وڃڻ بہ راهِ خدا ۾ نڪرڻ آهي. هفتيوار اجتماع ۾ تشريف کڻي ايندا تہ اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْکَرِیْم! گهر کان نڪرڻ کان وٺي واپس موٽڻ تائين سڄو وقت راهِ خدا ۾ شمار ٿيندو، هر

---

[1] الله والوں کی باتیں، 77/5

2 مسلم، کتاب الذکر و الدّعا...الخ، باب فضل مجالس الذکر، صفحہ:1037، حدیث:2689۔

جمعرات پابندي سان هفتيوار اجتماع ۾ اَوَّل کان آخر شرڪت جي نيت ڪري وٺو!

## ڌاڙيل جي توبه

ڪراچي ۾ هڪ هنڌ امير اهل سُنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَهْ جو بيان هو، هڪ اسلامي ڀاءُ اُن اجتماع ۾ شرڪت ڪرڻ جي لاءِ نڪتو، جيئن ئي هُو هڪ سوڙهي ۽ اونداهي گهٽي ۾ پهتو ته هڪ ڌاڙيل سندس ڳلي تي خنجر رکي ڪري ڪاوڙ ۾ چيو: جيڪو ڪجھ اٿئي، ڪڍي ڇڏ. اُن اسلامي ڀاءَ نهايت نرمي سان چيو: جيڪو اوهان کي ملي ڪٽي وٺو، ڌاڙيل کيسن جي تلاشي ورتي، ڪنهن کيسي مان عطر جي شيشي، ته ڪنهن مان تسبيح نڪتي. ڌاڙيل ڪاوڙ ۾ اچي ڪري چيو: ڪاڏي وڃي رهيو آهين؟ اسلامي ڀاءَ نهايت ئي نرمي سان چيو: اسان جي شيخ طريقت، امير اهل سُنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَهْ جو بيان آهي، ان ۾ شريڪ ٿيڻ جي لاءِ وڃي رهيو آهيان. اِهو ٻڌي ڪري ڌاڙيل خاموش ٿي ويو، خاموشي جو فائدو وٺندي ان اسلام ڀاءَ ڪيس نيڪي جي دعوت ڏيندي چيو: اوهان به اسان سان گڏ اجتماع ۾ هلو! آهسته لهجي ۽ نرم آواز ۾ ڏنل مخلصانه دعوت يڪدم اثر ڏيکاريو، ڌاڙيل چيو: هلو مان به هلان ٿو. اجتماع ۾ پهچي ڪري امير اهل سنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَهْ جي زيارت ڪيائين، بيان ٻڌائين، اجتماع کان پوءِ ان ڌاڙيل نيڪي جي دعوت ڏيڻ واري اُن اسلامي ڀاءَ کي خنجر پيش ڪندي چيو: هي اوهان رکي ڇڏيو، هاڻي مون کي هن جي ضرورت ناهي ڇوته مان پنهنجي گناهن کان سچي توبه ڪري امير اهل سنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَهْ جي ذريعي غوث اعظم رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جو مريد ۽ عطاري بڻجي ويو آهيان.

چور ڈاکو آوندے نیں نمازی بن جاندے نے | عاشق لندن پیرس دے حاجی بن جاندے نے
مِٹھا مرشد ویکھو تقدیراں اے سنوار دا | میرا پیر میرا پیر میرا پیر میرا پیر

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيْب! صَلَّی اللّٰهُ عَلٰی مُحَمَّد

## بهار شريعت (Bahar e shariyat) موبائل ايپلي ڪيشن

اي عاشقانِ رسول! اَڄ ٽيڪنالوجي جو دور آهي. اَلحَمدُلله! عاشقانِ رسول جي ديني تحريڪ دعوت اسلامي اسمارٽ فون (***Smart phone***) جي ذريعي بہ علم دين عام ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهي آهي، هن حوالي سان دعوت اسلامي جي آئي ٽي ***I.T*** ڊيپارٽمنٽ جي طرفان مختلف ايپلي ڪيشنز جاري ٿي چڪيون آهن، جن مان هڪ موبائل ايپلي ڪيشن آهي: بهار شريعت. ۞مولانا امجد علي اعظمي رَحمَةُ اللهِ عَلَيه جي نهايتِ اعليٰ ڪتاب بهار شريعت جا ٽئي جلد هن ايپلي ڪيشن ۾ شامل ڪيا ويا آهن. ۞هن ايپلي ڪيشن ۾ بڪ مارڪ جي سهولت موجود آهي. ۞ فهرست موجود آهي ان سان گڏوگڏ فهرست ۾ سرچ آپشن بہ موجود آهي. ۞ ميٽر کي سليڪٽ ڪرڻ، ڪاپي ڪرڻ ۽ شيئر ڪرڻ جو آپشن بہ موجود آهي.

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## ڪجھ ضروري اعلانات

پيارا اسلامي ڀائرو! ربيعُ الآخر جو پيارو مهينو جاري آهي، الحمد لله! سلسلۂ قادريہ جي عظيم علمي ۽ روحاني شخصيت اميرِ اهل سنّت مولانا محمد الياس عطار قادري دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه روزانو مدني چينل تي لائيو مدني مذاڪرا فرمائي رهيا آهن جيڪي غوثِ پاڪ جي وڏي يارهين شريف تائين جاري رهندا. تمام ذميدار ۽ عاشقانِ رسول هن مدني مذاڪري ۾ پاڻ بہ شرڪت فرمائن ۽ ٻين کي بہ هن جي دعوت ڏين شيخ طريقت، اميرِ اهلسنت هر هفتي هڪ ديني رسالو پڙهڻ جي ترغيب ارشاد فرمائيندا آهن، ايندڙ هفتي جي مدني مذاڪري ۾ رسالو "**بياناتِ شيخ عبدالقادر جيلاني** رَحمَةُ اللهِ عَلَيه" جو

اعلان ڪيو ويندو. هي رسالو پاڻ بہ پڙهو! ٻين کي بہ ترغيب ڏياريو ۽ سوشل ميڊيا مثال طور واٽس ايپ وغيره تي رضاءِ الٰهي ۽ ثواب جي لاءِ ٻين کي بہ شئير (*Share*) ڪيو! A پيارا اسلامي ڀائرو! ڪوڙ هڪ معاشرتي ناسور آهي جيڪو ڪيترين ئي خرابين جو سبب بڻجندو آهي. ڪوڙ جي مذمت ۽ ان جي خرابين ۽ نقصانن جي آگاهي ڏيڻ لاءِ مڪتبة المدينہ هڪ ڪتاب بنام "ڪوڙ" شايع ڪيو آهي. توهان هن ڪتاب کي 30 روپين ۾ مڪتبة المدينہ جي ڪنهن بہ شاخ تان حاصل ڪري سگهو ٿا. هيءُ ڪتاب پاڻ بہ پڙهو ۽ ٻين کي بہ ان جي ترغيب ڏيو! غوث پاڪ رحمۃ اللہ علیہ جي وڏي يارهين شريف جي پياري موقعي تي مجلس تقسيم رسائل پيش ڪري رهي آهي "فيضان غوثيہ پيڪيج". هيءُ پيڪيج مڪتبة المدينہ جي ڪنهن بہ شاخ تان 200 رپيا ۾ حاصل ڪري سگهو ٿا.

صَلُّوْاعَلَی الْحَبِيب! صَلَّی اللہُ عَلٰی مُحَمَّد

پيارا اسلامي ڀائرو! بيان کي اختتام ڏي آڻيندي سنّت جي فضيلت ۽ ڪجھ آدابِ زندگي بيان ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪريان ٿو. تاجدارِ رسالت، شهنشاهِ نبوت صَلَّی اللہُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: مَنْ اَحَبَّ سُنَّتِی فَقَدْ اَحَبَّنِی وَمَنْ اَحَبَّنِی كَانَ مَعِیَ فِی الْجَنَّةِ جنهن منهنجي سنّت سان محبت ڪئي ان مون سان محبت ڪئي ۽ جنهن مون سان محبت ڪئي اهو جنّت ۾ مون سان گڏ هوندو.[1]

سینہ تیری سُنّت کا مدینہ بنے آقا! | جنت میں پڑوسی مجھے تم اپنا بنانا

[1]...تاريخ مدينہ دمشق، جلد:9، صفحہ:343۔

# سمهڻ جاڳڻ جون سنتون ۽ آداب

**فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّی اللہُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ: ”جيڪو شخص عصر ڪان پوءِ سُمهي ۽ ان جو عقل هليو وڃي تہ پنهنجو پاڻ کي ملامت ڪري. “ (مسند ابي يعلىٰ ج 4 ص 278 حديث 4897)

اي عاشقانِ رسول! ◈ سمهڻ ڪان اڳ ۾ بستري کي چڱي طرح ڇنڊيو تہ جيئن ڪا ايذاءُ ڏيندڙ شيءِ وغيره هجي تہ نڪري وڃي ◈ سمهڻ ڪان اڳ هيءَ دعا پڙهي وٺو: اَللّٰهُمَّ بِاسۡمِكَ اَمُوۡتُ وَ اَحۡيَا، ترجمو: اي الله پاڪ! مان تنهنجي نالي سان ئي مرندو آهيان ۽ جيئندو آهيان (يعني سمهندو ۽ جاڳندو آهيان) ◈ ڏينهن جي ابتدائي حصي ۾ سمهڻ يا مغرب ۽ عشاء جي وچ ۾ سمهڻ مڪروه آهي◈ منجهند جو قيلولو (ڪجهہ دير ليٽڻ) مستحب آهي. ◈ سمهڻ لاءِ مستحب اهو آهي تہ پاڪائي سان سمهي ۽ ڪجهہ دير ساڄي پاسي ساڄو هٿ ڳل جي هيٺان رکي قبلي ڏانهن منهن ڪري سمهي ۽ ان ڪان پوءِ کابي پاسي سمهي. ◈ سمهڻ وقت قبر ۾ سمهڻ کي ياد ڪري تہ اُتي اڪيلو سمهڻو پوندو پنهنجي اعمال ڪان سواءِ ڪوبہ گڏ نہ هوندو، ◈ سمهڻ وقت يادِ خدا ۾ مشغول هجي، تهليل، تسبيح ۽ تحميد پڙهي. (يعني لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللهُ، سُبۡحٰنَ اللهِ ، ۽ اَلۡحَمۡدُ لِلّٰهِ جو وِرد ڪندو رهي) ايستائين جو سمهي پوي جو انسان جنهن حالت تي سمهندو آهي اُن تي ئي اٿندو آهي ۽ جنهن حالت تي مرندو آهي اُن تي ئي قيامت جي ڏينهن اٿندو. ◈ جاڳڻ ڪان پوءِ هي دعا پڙهو اَلۡحَمۡدُ لِلّٰهِ الَّذِیۡ اَحۡيَانَا بَعۡدَ مَا اَمَاتَنَا وَ اِلَيۡهِ النُّشُوۡرُ : سڀ تعريفون الله پاڪ جي لاءِ آهن جنهن اسان کي مارڻ ڪان پوءِ زنده ڪيو ۽ انهيءَ ڏانهن موٽي وڃڻو آهي.

◈ جڏهن ڇوڪري ۽ ڇوڪريءَ جي ڄمار ڏهہ سال ٿئي تہ انهن کي الڳ الڳ

سمهارڻ گهرجي بلڪ ان عمر جو ڇوڪرو ايڏي وڏي(يعني پنهنجي عمر جي) ڇوڪرن يا (پاڻ کان وڏن) مردن سان به نه سمهي ۞ ڇوڪرو جڏهن شهوت جي حد تائين پهچي وڃي ته اهو مرد جي حڪم ۾ آهي ۞ ننڊ کان سجاڳ ٿي مسواڪ ڪيو ۞ رات جو جاڳي تهجد ادا ڪيو ته وڏي سعادت جي ڳالهه آهي.[1]

| | |
|---|---|
| ميں سو جاؤں يا مصطفےٰ کہتے کہتے | کھلے آنکھ صَلِّ علیٰ کہتے کہتے |

مختلف سنتون سکڻ جي لاءِ مڪتبة المدينه جي "بهارِ شريعت" جلد:3، حصو: 16 ۽ شيخ طريقت، امير اهلسنت دَامَت بَرَكاتُهمُ العَالِيه جو 100 صفحن جو رسالو "550 سنتون ۽ آداب" خريد ڪيو ۽ پڙهو، سنتون سکڻ جو هڪ ذريعو دعوتِ اسلامي جي مدني قافلن ۾ عاشقانِ رسول سان گڏ سنتن ڀريو سفر پڻ آهي.

| | |
|---|---|
| سنتیں سیکھنے تین دِن کے لئے | ہر مہینے چلیں، قافلے میں چلو |
| رب کے در پر جُھکیں، اِلتجائیں کریں | بابِ رحمت کھلیں، قافلے میں چلو[2] |

الله پاڪ اسان کي عمل جي توفيق عطا فرمائي.

اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

1 .550سنتیں اور آداب، صفحہ:38۔40۔

2 ...وسائل بخشش، صفحہ:670، 671ملتقطًا۔

# دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنتن ڀري اِجتِماع ۾ پڙهيا ويندڙ 6 درود شريف ۽ 2 دعائون

## ﴿1﴾ جمعه جي رات جو دُرُود

اَللّٰھُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَبَارِکْ عَلٰی سَیِّدِنَا مُحَمَّدِ نِ النَّبِیِّ الْاُمِّیِّ الْحَبِیْبِ الْعَالِی الْقَدْرِ الْعَظِیْمِ الْجَاهِ وَعَلٰی اٰلِهٖ وَصَحْبِهٖ وَسَلِّمْ

بزرگن فرمايو ته جيڪو شخص هر جمعرات (جمعه ۽ خميس جي وچين رات) هن دُرُود شريف کي پابندي سان گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو پڙهندو موت جي وقت سرڪار مدينه صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي زيارت ڪندو ۽ قبر ۾ داخل ٿيڻ وقت به ايستائين هو ڏسندو ته سرڪار مدينه صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان کي پنهنجي هٿن سان قبر ۾ داخل ڪري رهيا آهن.[1]

## ﴿2﴾ سمورا گُناه مُعاف

اَللّٰھُمَّ صَلِّ عَلٰی سَیِّدِنَا وَمَوْلَانَا مُحَمَّدٍ وَّ عَلٰی اٰلِهٖ وَسَلِّمْ

حضرتِ سَيِّدُنا انس رَضِیَ اللّٰهُ عَنْه کان روايت آهي ته تاجدارِ مدينه صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: جيڪو شَخص هي دُرُود شريف پڙهي جيڪڏهن بيٺل هو تو ويهڻ کان پهريان ۽ ويٺل هو ته بيهڻ کان پهريان، ان جا گناهه معاف ڪيا ويندا.[2]

1 افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة السادسة والخمسون، ص151ملخصًا
2 افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الحادية عشرة، ص 65

## ﴿3﴾ رَحمت جا ستر دروازا

صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّدٍ

جيڪو هي دُرُود شريف پڙهندو آهي ان تي رحمت جا ستر دروازا کوليا ويندا آهن.[1]

## ﴿4﴾ ڇهه لک دُرُودشريفن جو ثواب

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ عَدَدَ مَا فِيْ عِلْمِ اللّٰهِ صَلَاةً دَآئِمَةً بِدَوَامِ مُلْكِ اللّٰهِ

حضرت اَحمد صاوِي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ڪِن بُزرگن کان نقل ڪن ٿا هن دُرُود شريف ڪي هڪ ڀيرو پڙهڻ سان ڇهه لک دُرُودشريف پڙهڻ جو ثواب حاصل ٿيندو آهي.[2]

## ﴿5﴾ قُربِ مُصطَفٰي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّم

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ كَمَا تُحِبُّ وَتَرْضٰى لَهٗ

هڪ ڏينهن هڪ شَخص آيو ته حُضُورِ اَنور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ڪيس پنهنجي ۽ صِدّيقِ اڪبر رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جي وچ ۾ ويهاريو، انهيءَ تي صَحابَہ ڪرام رَضِيَ اللهُ عَنْهُم ڪي تَعَجُّب ٿيو ته اهڙي مرتبي وارو شخص ڪير آهي جڏهن اهو هليو ويو ته سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: هو جڏهن مون تي دُرُودِ پاڪ پڙهندو آهي ته هيئن پڙهندو آهي.[3]

---

1... القول البديع، الباب الثانی، ص277

2... افضل الصلوات علی سيد السادات، الصلاة الثانية والخمسون، ص149

3... القول البديع، الباب الاول، ص3125

## ﴿6﴾ دُرُود شَفَاعت

اَللّٰھُمَّ صَلِّ عَلٰی مُحَمَّدٍ وَّاَنْزِلْهُ الْمَقْعَدَ الْمُقَرَّبَ عِنْدَكَ يَوْمَ الْقِيَامَةِ

**شافع امم** صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ **جن جو فرمان معظم آهي : جيڪو شخص هي درود پاڪ پڙهي ان جي لاءِ منهنجي شفاعت واجب ٿي ويندي آهي.**[1]

## ﴿1﴾ هڪ هزار ڏينهن جون نيڪيون

جَزَى اللّٰهُ عَنَّا مُحَمَّدًا مَا هُوَ اَهْلُهٗ

**حضرتِ سَيِّدُنا ابنِ عباس** رَضِیَ اللهُ عَنْهُمَا **کان رِوايت آهي تہ سرڪارِ مدينہ** صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ **جن فرمايو: هي درود شريف پڙهڻ واري جي لاءِ ستر فرشتا هڪ هزار ڏينهن تائين نيڪيون لکندا آهن.**[2]

## ﴿2﴾ ڄڻ شبِ قدر حاصل ڪري ورتي

لَاۤ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ الْحَلِيْمُ الْكَرِيْمُ، سُبْحٰنَ اللّٰهِ رَبِّ السَّمٰوٰتِ السَّبْعِ وَرَبِّ الْعَرْشِ الْعَظِيْمِ

**(خداءِ حليم و ڪريم کان سواءِ ڪوئي عبادت جي لائق ناهي، الله** عَزَّوَجَلَّ **پاڪ آهي جيڪو ستن آسمانن ۽ عرشِ عظيم جو پروردگار آهي)**

**فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ: **جنهن هن دُعا کي ٽي ڀيرا پڙهيو ڄڻ ان شبِ قدر کي حاصل ڪري ورتو.**[3]

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

---

1... الترغيب والترهيب، ج 2، ص 329، حديث 31

2... مجمع الزوائد،كتاب الادعية،باب فى كيفية الصلاة...الخ،254/10،حديث:17305

3... ابنِ عساكر ج 19، ص 155، حديث 4455